شاهنواز پٽي

# نندي کنڊ ۾ منظوم ڊرامي جي روايت: هڪ جائزو

# ANYLYSIS OF THE TRADITION OF OPERA IN SUBCONTINENT

**Abstract**

*The Manzoom drama or poetic drama is a creative artform in which dialogues are rendered in the cultural form of poetry. In the subcontinent, the folk artforms like ballad, epic storytelling, and music contain a prolonged historical legacy that is stretched over the centuries. It is pertinent to note that over a long period of time the folk artforms have continued to exist, flourish, and performed in various storytelling and performance-based linguistic cultural traditions e.g. Sanskrit, Urdu, Telgu, Sindhi, Punjabi among others. For instance, in the subcontinent and various other cultural regions, the folk performance tradition has centrally existed to form, represent and involve the ancient epics, stories of religious scriptures, classical poetry, and song and dance. Simply put, in the ancient Indian literary culture the epic stories, religious texts, and classical poetry alluded to the expression of fork artforms. In that sense, it can safely be said that the folk artforms reveal the early and ancient performing arts and in a way precedes the modern creative cultural production of the poetic drama. Against this backdrop, this paper endeavours to investigate and discuss the artform of Manzoom or poetic drama. By introducing the history of the artform and performance tradition of poetic drama in different languages in the Indian subcontinent, this research paper set outs to focus on the presence of the Manzoom or poetic drama in the Sindhi literary and performance tradition.*

**خلاصو/ ائبسٽريڪٽ:**

منظوم ڊرامو، شعر جي انداز ۾ لکيل ڊرامي کي چيو ويندو آهي، جنهن ۾ مڪالما شاعراڻي پيرايي ۾ لکيا ويندا آهن. جيئن ته نندي کنڊ ۾ منظوم ڊرامي جي روايت، خود منظوم ڊرامي جي تاريخ جيتري پراڻي آهي، ان ڪري نندي کنڊ ۾، سنسڪرت، اردو، سنڌي، تيلگو ۽ ٻين زبانن ۾ منظوم ڊرامو هڪ وڏي عرصي کان وٺي نه رڳو لکيو ۽ پيش ڪيو پئي ويندو رهيو آهي، پر هتي جي ماڻهن جي مذهبي ڪتابن توڙي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ ڊرامي جو عنصر نمايان ملي ٿو. قديم هندستان جي مذهبي ڪتابن ۾ ڊرامي جي عنصر جو جائزو وٺڻ سان گڏ هن تحقيق مقالي ۾ منظوم ڊرامي جي وصف، ان جي شروعات، نندي کنڊ ۾، مختلف ٻولين ۾ منظوم ڊرامي جي روايت، سنڌيءَ ۾ منظوم ڊرامن جي تفصيل ۽ ٻين لاڳاپيل موضوعن تي روشني وڌي وئي آهي. هن تحقيقي مقالي ۾، تحقيقي اصولن کي سامهون رکندي، حوالن جو طريقه ڪار ’ايم ايل اي‘ (Modern languages Association) وارو رکيو ويو آهي.

- منظوم ڊرامو ڇا آهي؟

’منظوم ڊرامو‘ دراصل ڊرامي جو اهو تحريري قسم آهي، جنهن ۾ ڊرامي جا مڪالما يا ڊائيلاگ شاعراڻي انداز يا شعر ۾ آندل هجن ۽ عروض جي بحر ۽ وزن مطابق هجن. ڊرامي ۾ موسيقي، رقص ۽ شاعريءَ جي هڪ خاص اهميت آهي، ان لاءِ دنيا جي قديم روايت ۾ جتان به ۽ جنهن به ٻوليءَ ۾ ڊرامي جا اهڃاڻ مليا آهن، ان ابتدائي دور جو ڊرامو منظوم ئي ملي ٿو. دنيا جي سڀني ٻولين ۾ ڊرامي جو ڪلاسيڪل نمونو منظوم ئي آهي.

- سنڌي ۾ منظوم ڊرامو:

سنڌي منظوم ڊرامي جي شروعات 1880ع کان ٿئي ٿي، جڏهن مرزا قليچ بيگ ’ليليٰ مجنون‘ ناٽڪ لکيو، اهڙيءَ طرح سنڌي ادب جي پهريون ناٽڪ پڻ هڪ منظوم ڊرامو آهي. ان کان پوءِ 1936ع ۾ ليلا رام ڦيراڻي، ليلا چنيسر جي لوڪ داستان تي ٻڌل منظوم ناٽڪ ’هڪڙي رات‘ لکيو. 1942ع ۾ ايچ سي

بلي مزاحيه منظوم ناٽڪ ’آڌي جو انصاف‘ تحرير ڪيو. 1947ع ۾ شيخ اياز ’مندن جي منڊل‘ نالي سان هڪ ننڍو منظوم ناٽڪ لکيو. لوڪ ڪهاڻي تي ٻڌل منظوم ڊرامو (قسط وار) مومل راڻو اياز قادري 1957ع ۾ لکيو. 1960ع ۾ غلام نبي آغا ’دنيا دورنگي‘ جي نالي سان منظوم ڊرامو لکيو، جيڪو ساڳئي سال ڪتابي صورت ۾ به ڇپيو . 1968ع ۾ لڇمڻ ڪومل ڀاٽيا ’سورٺ را ڏياچ‘ ۽ 1969ع ۾ ’مومل راڻو‘ منظوم ڊراما لکيا. شيخ اياز 1970ع ۾ ’رني ڪوٽ جا ڌاڙيل‘ ۽ 1968ع ۾ ’دودي سومري جو موت‘ جي نالي سان به منظوم ڊراما لکيا. بعد ۾ شيخ اياز ’ڀڳت سنگهه کي ڦاهي‘ منظوم ڊرامو لکيو. 1973ع ۾ رام بيلاڻي خمار ’سورٺ راءِ ڏياچ‘ منظور ڊرامو لکيو. 1980 ۾ برجو چاوله ’ٻسڪو اسٽار‘ جي نالي سان تحرير ڪيو. ويجهڙ واري دور ۾ علي دوست عاجز ’سوني باگو‘ ۽ ’ڪونجان‘ جي نالي سان به منظوم ڊراما لکيا آهن. ’ليلا چنيسر‘ جي لوڪ داستان تي هڪ منظوم ڊرامو ارشاد ڀٽي ڀڄ 2018ع ۾ لکيو آهي.

- ننڊي ڪنڊ ۾ منظوم ڊرامي جي روايت:

منظوم يا سنگيت ڊرامي تي لکڻ وقت، ننڊي ڪنڊ ۾ ڊرامي يا ناٽڪ جي تاريخ ۽ روايت جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. مختلف عالمن جي لکڻين موجب ’ڊراما‘ جو فن هندستان ۾ تمام قديم آهي. ائين به چيو وڃي ٿو ته هن فن کي خود برهما ’نٽ ويد‘ جي صورت ۾ ايجاد ڪيو. رگ ويد مان ’راڳ‘، سام ويد مان ’سرور‘، يجرويد مان ’حرڪات ۽ سڪنات‘ ۽ اٿرويد مان ’اظهار ۽ جذبات‘ جا طريقا ڪڍي ’نٽ ويد‘ تيار ڪيو ويو. مير محمد نظاماڻي پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ڊراما‘ ۾ لکي ٿو ته:

> ”سنسڪرت جي صرف ونحو جي موجد پاڻيني (Panini) جيڪو 300 ق.م ۾ ٿي گذريو آهي، تنهن نٽ شاستر ۾ نٽ يعني ناچ بابت قاعدا لکيا آهن، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو ته هو انهيءَ فن مان واقف هو. ڪن روايتن موجب هن فن کي خود برهما ’نٽ ويد‘ جي صورت ۾ ايجاد ڪيو... انهن ڳالهين تي ڪن کي ڪٿي اختلاف به هجن پر ائين چئي سگهجي ٿو ته قديم زماني کان وٺي ڊراما جو فن هندستان ۾ موجود هو.“(1)

ڪن عالمن جو خيال آهي ته هندستان ۾ ڊرامي جي روايت گوتم ٻڌ جي دؤر ۾ پئي ۽ ناٽڪ جي فن جا قاعدا پڻ جڙيا. محمد اسلم قريشي، پنهنجي ڪتاب ’اصطلاحاتِ ڊرامه‘ (اردوءَ) ۾ لکيو آهي:

"ہندستان میں ڈرامے کی روایات بہت قدیم ہے۔ گوتم بدھ (وفات 355 ق-م) کے دور میں نہ صرف قومی اور مذہبی نوعیت کے کھیل تماشے رچائے جاتے تھے بلکہ فن ناتک میں قواعد اور اصول بھی منضبط کیے جاتے تھے۔ (2)

ڪن عالمن جي راءِ آهي ته هندستان ۾ هي فن قديم يونان مان حاصل ٿيو، جو ته سڪندر اعظم جي اڳواڻيءَ ۾ يوناني جڏهن هندستان پهتا هئا ته پنهنجي وندر ۽ تفريح لاءِ ڊراما ڪندا هئا. نظاماڻي صاحب، هن سلسلي ۾ لکيو آهي ته:

”سڪندر اعظم جي جنرل سيليوڪس پنجاب (هندستان) ۾ شاندار يوناني سلطنت بئڪٽيريا جي نالي سان قائم ڪئي، جا چئين (چوٿين) صديءَ تائين قائم رهي. ڪن روايتن موجب سيليوڪس پنهنجي ڌيءَ جو سڱ مگده جي راجا چندر گپت کي ڏنو. انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو ته اهڙن تعلقاتن جي ڪري هندن کي به يوناني ڊراما ڏسڻ جا موقعا مليا هجن.“ (3)

جيڪڏهن غور ڪجي ته معلوم ٿيندو ته قديم هندن، تماشبين ٿي يونانين جا ڊراما ڏٺا هوندا، پر هيءُ فن، علم جي صورت ۾ انهن تائين ڪو نه پهتو، ڇاڪاڻ جو قديم سنسڪرت، ناٽڪ ۽ يوناني ڊراما ۾ ڪيترين ئي بنيادي ڳالهين جو فرق آهي. سنڌيا چندر ڪندناڻي ڪتاب ’سنڌي ناٽڪ جي ارتقا‘ ۾ لکيو آهي:

”ائين ٻنهي ڊرامائن تي غور ڪنداسين ته اسان کي تفاوت نظر ايندو. يوناني ڊرامي ۾ غم ۽ خوشي هڪ ئي وقت نظر ڪو نه اچي، پر قديم سنسڪرت ناٽڪن ۾ هڪ ئي وقت غم ۽ خوشي ڏيکارڻ جو ڪم ڪيو ويو آهي.... سنسڪرت ۾ ٽرئجڊي ۽ ڪاميڊي الڳ قسم نه آهن، پر پارتي ٻولين جي ڊرامن تي يوناني توڙي رومن ڊرامن جو تعلق پڻ جڙي ٿو.“ (4)

- سنسڪرت ناٽڪ ۽ ڪوي ڪاليداس:

**الف: سنسڪرت ڊرامي جا قسم:** سنسڪرت ڊراما جا ٻه قسم: هڪ ’روپڪ‘ ۽ ٻيو ’اُپ روپڪ‘ ملن ٿا، پر ’روپڪ‘ ڊرامي کي وڏي اهميت ملي، هيءُ اعليٰ قسم جو ڊرامو آهي.

”روپڪ جي لغوي معنيٰ آهي اهو نظم، جيڪو ٻڌي به سگهجي ۽ ساڳئي وقت عملي طرح سان ڏسي به سگهجي.“ (5)

روپڪ جي ڏهن قسمن مان پهريون قسم ’ناٽڪ‘ جو آهي. سنسڪرت ۾ هر ڊرامي جي شروعات تمهيد سان ٿئي ٿي، جنهن کي ’پرو انگ‘ چئبو آهي. انهيءَ ۾ ڏسندڙ تماشائين کي پهرين ڊرامي جي موضوع ۽ ڪردارن کان واقف ڪيو ويندو آهي. ان کان سواءِ ڊرامي جي واقعن تي روشني پڻ وڌي ويندي آهي، اهو سڀ بيان ڊرامي جو مهتمم يا ڪو وڏو اداڪار ڪندو آهي، جنهن کي ’ناندي‘ چئبو آهي.

سنسڪرت ڊرامي جا 10 (ڏهه) قسم آهن. مير محمد نظاماڻي، پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ڊراما‘ ۾ سنسڪرت ڊرامي جا هيٺيان قسم بيان ڪيا آهن:

”1- **ناٽڪ**: جنهن ۾ ڊرامي جا سڀ عنصر شامل هوندا آهن، يعني قصو اهم هجي ۽ اهو تاريخي يا ديومالائي نوعيت جو هجي، ان جو هيرو راجا، ديوتا يا ڪو اوتار هجي. اُن ۾ رس يعني مکيه جزو فقط عشق، جرائت يا همت جو هجي. آکاڻيءَ جو زمانو يا وقت هڪ ڏينهن کان هڪ سال اندر ختم ٿيڻ گهرجي، ناٽڪ جي ٻولي شانائتي ۽ پاڪ هجي وغيره. اهڙي ناٽڪ جو بهترين نمونو ڪاليداس جو ’شڪنتلا‘ آهي، جنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پڻ موجود آهي.

**سنسڪرت ناٽڪ جا ٻيا قسم هن ريت بيان ڪيل آهن:**

2- **پرڪرن**: هيءُ بلڪل ناٽڪ جهڙو ئي هوندو آهي.

3- **ڀان**: هن ۾ فقط هڪ ائڪٽ هوندو آهي. هيءُ مغربي ’مونوالگ‘ ۽ ايراني ’مرثيه خوانيءَ‘ سان مشابهت رکي ٿو. جنهن ۾ هڪ ئي شخص ڪهاڻي بيان ڪندو آهي.

4- **ويايوگ**: هن ۾ ڪنهن جنگ وغيره جو ذڪر هوندو آهي ۽ ڪو به زمانو ڪردار ڪو نه هوندو آهي.

5- **سموڪار**: هن ۾ ٽي (3) ائڪٽ ٿيندا آهن، جن ۾ ديوتائن جو قصو سمايل هوندو آهي.

6- **ڊيم**: هي به سموڪار جهڙو ئي ٿيندو آهي، پر ان ۾ چار ائڪٽ ٿيندا آهن، ان جو مضمون ڀيانڪ ۽ حيرت انگيز هوندو آهي.

7- **رها مرگ**: هن جي لغوي معنيٰ آهي تالش، هن ۾ پڻ ديوتائن جو ذڪر هوندو آهي.

8- **انگ**: هيءُ هڪ ائڪٽ جو ڊراما ٿيندو آهي، جيڪو عورتن جي جهيڙي تي ختم ٿيندو آهي.

9- **وٿي**: هن ۾ پڻ هڪ ائڪٽ ٿيندو آهي، جنهن جي ڪهاڻي طبع زاد هوندي آهي. هن ۾ عورت جي عشق ۽ محبت جو ذڪر سمايل هوندو آهي.

10- **پرهن**: هن کي انگريزيءَ ۾ فارس (Farce) چئبو آهي، ان ۾ هڪ ائڪٽ ٿيندو آهي، جنهن جو خاص مقصد ماڻهن کي کلائڻ آهي.“ (6)

مير محمد نظاماڻي صاحب، پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ڊراما‘ ۾ سنسڪرت جي اُپ روپڪ ڊرامي جا 18 قسم ڄاڻايا آهن، جن مان هرهڪ جا نو- نو قسم آهن. سنسڪرت ڊرامي ۾ جن ڳالهين کي اسٽيج تي پيش ڪرڻ جي منع ٿيل آهي، تن ۾: دور جو سفر، قومي مصيبت جا واقعا، بادشاهه جي تباهي، موت، جنگ، درياهه، شهر جو گهيرو، کاڌ خوراڪ، سمهڻ، رانيٺ ڪرڻ، ڏک ۽ نحوست واريون ڳالهيون شامل آهن. اڄ جي زبان ۾ چئجي ته سنسڪرت ڊرامي جي سينسرشپ سخت هئي.

برهمڻ راڄ کي زوال اچڻ سان گڏ سنسڪرت به زوال پذير ٿي، جنهن ڪري سنسڪرت ڊرامو به زوال جو شڪار ٿيو ۽ سنسڪرت جي سرڪاري ۽ درباري حيثيت پڻ متاثر ٿي.

هندستان ۾ رائج ڀڳت، ليلائن، سانگ ڀانڊن جو نقل داستان گوئي، پتلي تماشي ۽ نوٽنڪي وغيره جي روپ ۾ ڊرامو عام ٿيو، جيڪو سنسڪرت ڊرامي جي مسخ ٿيل شڪل هئي. نندي ڪنڊ ۾ ناٽڪ جي شروعات يوناني ناٽڪ وانگر ڌرمي رنگ سان ٿي. چاڪاڻ ته آڳاٽي زماني وارا هتان جا رهواسي يونانين

وانگر اصنام پرست هئا. ناٽڪ تي ڌرم جو اثر هئڻ ڪري انهيءَ دور (توڙي هاڻي به) هندو پنهنجي خاص ڌرمي ڏڻن، جهڙوڪ هولي، ڏياري، جنم اشٽمي ۽ دسهڙي جي موقعي تي جدا جدا ميڪ اپ سان، جدا جدا روپ ڌاري نقل ڪندا رهن ٿا. انهيءَ ابتدائي دور ۾ ڌرمي ڪرامتن ۽ غيبي اسرارن جا ناٽڪ (راس ليلا ۽ رام ليلا) به خوب رچايا ويندا هئا. اهڙي طرز جي ناٽڪن کي لوڪ ناٽڪ لکيو ويندو آهي. ڀارت جي مشهور سنڌي اسڪالر ڊاڪٽر چيتو لالواڻي انهن بابت لکي ٿو ته:

”سانگ، تماشو، ڪٺ پتلين جو کيل، چونڪي، ڀڳت ۽ رام ڪرشن ليلائون سنڌ جا مکيه طرح لوڪ ناٽڪ آهن. “(7)

هندستان ۾ ٿيل سنگيت ناٽڪ کي آڳاٽي اهميت مليل آهي. يونان ۽ هندستان جي آڳاٽي ادب تي نظر ڦيرائجي ته پتو پوندو انهن وٽ راڳ ۽ ناچ کي مذهبي حيثيت حاصل هئي. شيخ اياز جي مشهور ڪتاب ’ڀڳت سنگهه کي ڦاهيءَ‘ جي مهاڳ ۾ ناميارو اديب رشيد ڀٽي لکي ٿو:

”يونان توڙي هندستان جي مذهبي ساخت يا بناوٽ اهڙي آهي، جو انهن ۾ راڳ ۽ ناچ کي عبادت جي حيثيت حاصل آهي. هنن جي پوڄا پاٺ ۽ مذهبي رسمن ۾ راڳ، ناچ ۽ ٻئي فنون لطيفه کي وڏي اهميت حاصل آهي. ان ڪري انهن ۾ اسان کي راڳ، منظوم ناٽڪ (Opera) ۽ نرتيه ناٽڪ (Dance Drama) هر ادب کان آڳاٽو ملن ٿا. انهن اوائلي سنگيت ناٽڪن يا نرتيه ناٽڪن جو موضوع انهن مذهبن جا ديو مالائي قصا يا ڪردار هوندا هئا. هندستان ۾ نرتيه يا سنگيت ناٽڪ جو موضوع اڄا به اهي قصا يا ڪردار آهن: رامائڻ ۽ مهاڀارت مان ڪهاڻيون، ڌرمي سورمايا سورميون جهڙو راس ليلا، رام ليلا، نل دمينتي، راجا هرشچندر ۽ شڪنتال وغيره.“ (8)

**ب: ڪوي ڪاليداس:**

پهرين صدي عيسويءَ کان پوءِ هندستان ۾ سنسڪرت ڊرامي جو پتو پوي ٿو. راجا چندر گپت (ٻئي) جي عهد جو درٻاري شاعر ڪاليداس، سنسڪرت ڊراما جو اهم نالو ٿي گذريو آهي. سندس زندگيءَ جو باب بنارس ۾ شروع ٿيو. بنارس جي شهزاديءَ سندس علمي قابليت تي موهت ٿي، پر

ڪاليداس سندس سڱ کان انڪار ڪيو، جنهن پوءِ هُن کيس بد دعا ڏني ته ”تون به ڪنهن عورت جي پيار ۾ دوکو کائيندين!“ چون ٿا ته ڪنهن راجا ڪو اڌ شعر جوڙيو ۽ ان کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ڳرو انعام آڇيو. ڪوي ڪاليداس اهو شعر مڪمل ڪيو، پر سندس پريميڪا لالچ ۾ کيس ماري اهو شعر ڪٽي ۽ پڇي نڪتي. ڪاليداس کي سنسڪرت جي صرف و نحو تي دسترس هئي.اردوءَ جي نامور ليکڪ خالد نديم، ڊاڪٽر اختر حسين راءِ پوريءَ جو حوالو ڏيندي، ڪاليداس جا هيٺيان ٽي ڊراما ڄاڻايا آهن:

> "کالیداس کے تین ڈراموں کا سراغ ملتا ہے: مالویکا اگنی مترا (Agnimitra Malavi)، شکنتلا (Shakuntala)، وکرم اروشی (Arvashe Vikram)"(9)

ڪاليداس جي ڊرامن ۾ ’شڪنتلا‘ کي وڏي شهرت ملي، اهو دنيا جي بهترين ڊرامن ۾ شمار ٿئي ٿو. ’شڪنتلا‘جا ترجما سنڌيءَ سميت ڪيترين ئي ٻولين ۾ ٿيا. ’شڪنتلا‘ جو سنڌي ترجمو مرزا قليچ بيگ ۽ ڪلياڻ آڏواڻيءَ کان علاوه رشيد احمد لاشاريءَ پڻ ڪيو.

ڪاليداس پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪُل ست ڪتاب لکيا، جن مان ٽي ناٽڪ آهن. سندس ٻه ڪتاب رزميه شعر تي آهن، هڪ ماتمي شعر ٻيو بياني شعر تي آهي. رزمي شعر جي ڪتابن جا نالا ’گهوڪل‘ ۽ ’جنگ جي ديوتا جو جنم‘ اٿس. اهي سڀ ڪتاب هن ڦوهه جوانيءَ ۾ لکيا. سنسڪرت جو ٻيو شاعر ايترو نه پڙهيو ويو، جيترو ڪاليداس کي پڙهيو ويو.

- مذهبي ڪتابن ۾ ڊرامو: مهاڀارت، اُپنشد، گيتا
- **مهاڀارت:**

’مهاڀارت‘ دراصل هندن جي مهارشي دياس جو چيل هڪ طويل نظم آهي. سنسڪرت ۾ لکيل ان طويل نظم ۾ مختلف وقتن تي واڌارا سُڌارا ٿيندا رهيا، جنهن سبب ان ۾ هڪ لک جي لڳ ڀڳ اشلوڪ ٿي چڪا آهن. مهاڀارت دراصل 600 ق.م ڌاري لڳل هڪ جنگ جو تذڪرو آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته ان جي اکين ڏٺي شاهد (مهارشي دياس) پنهنجي ڪتاب ۾ تحرير ڪيو. دراصل اها جنگ نيشاپور جي ٻن خاندانن (ڪورو ۽ پانڊو) وچ ۾ 18ڏينهن

جاري رهي. هندستان ۾ صدين کان مهاڀارت جي موضوع تي تمثيلي ناٽڪ پڻ مختلف تهوارن تي پيش ڪيا وڃن ٿا.

جناب مختيار احمد ملاح، پنهنجي ڪتاب، ’ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت‘ ۾ لکي ٿو:

> ”مهاڀارت ۾ ان جنگ جي تذڪري سان گڏ تصوف جا تصورات ۽ ٻيون به گهڻيون افسانوي ڳالهيون لکيل آهن، موجوده مذهب جو بنياد اهو ئي ڪتاب آهي، پر ان جا به ڪيئي نسخا آهن. مسٽر گوونداس مطابق موجب هر نسخي ۾ بي انتها اختلاف موجود آهن. مهاڀارت جو سنڌي ترجمو ڏهين صديءَ ۾ ٿيو، خيال آهي ته اهو ديوناگري رسم الخط ۾ ٿيو هوندو.“ (10)

مها ڀارت جي اهميت کي سمجهندي، 20صديءَ جي آغاز ۾ هندستاني ۽ يورو_امريڪن اسڪالر ان ڳالهه تي متفق ٿيا ته مهاڀارت جي متن جو ڳوڙهو اڀياس ڪري، آسان ۽ سمجهه جوڳو بڻائڻ لاءِ نئون نسخو تيار ڪجي. ڪجهه سالن کان پوءِ سنسڪرت عالمن جي هڪ ٽيم sukthankur v.s جي اڳواڻيءَ ۾ اهو ڪم پنهنجي ذمي کنيو. هنن پونا (pune) ۾ قائم ’ڀنڊارڪر اوريئنٽل ريسرچ انسٽيٽيوٽ‘ ۾ اهو ڪم شروع ڪيو ۽ نندي ڪنڊ جي مختلف هنڌن تان مهاڀارت جا 1259قلمي نسخا هٿ ڪري، انهن جو اڀياس ڪيو ويو.انهن عالمن هڪ هڪ سٽ، هڪ هڪ لفظ ڌيان سان پڙهي، آخرڪار مهاڀارت کي هڪ طويل نظم جي صورت ۾ نئين سر جوڙي راس ڪيو، جنهن جا 21جلد ڇهريان 1919ع ۾ پوءِ 1969ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا ويا، جن کي عالمي سطح تي عالمن ۽ نقادن قبول ڪندي، ان کي مستند قرار ڏنو آهي.

مهاڀارت جي نظماڻي گهاڙيٽي ۽ ان ۾ ناٽڪي عنصر تي اسٽيفن هليويل هن ريت ويچار ونديا آهن:

> "The *Mahabharata* probably has more than five hundred human characters who appear as ‹‹distinct, active figures in its narrative. The majority of them have names and play well -defined roles in the action, even if they appear only briefly; scores of them are one-

dimensional and unnamed, and serve mainly as functional devices to get the story told...What makes the *Mahabharata* a poem, and how is it put together? If we were to answer this question as fully as possible, we would arrive at an account of the Sanskrit work that would serve a purpose similar to that of Aristotle's *Poetics* ,which is concerned with poetry in the ancient Greek world, especially in the genre of drama and the subgenre of tragedy. In order to explain—theoretically and practically, descriptively and prescriptively—how tragic drama is composed and how it works in the theater, Aristotle breaks it down into six constituents and their mutual relations and functions in an artistic whole. These six components are *muthos* ,plot, narrative ;*ethos* , character and its environment ;*dianoia* ,thought, theme, meaning ;*lexis* ,language, diction ;*opsis* ,spectacle onstage ;and*melopoeia* ,melodic composition, lyric set to musical accompaniment. For the *Mahabharata* ,we have no such formula or ready-made analytical framework for a comprehensive explanation. However, keeping Aristotle's paradigm in mind, along with a range of pre-

modern Indian and modern Euro-American literary scholarship, we can formulate a basic poetics of the Sanskrit poem, by focusing on four of its aesthetic elements: its handling of characters and characterization; its method of emplotment ,of plotting its multiple storylines; its treatment of narrators, narration, and narratives; and its conceptualization of its own form and genre."(11)

- **اپنيشد :(Upanishad)**

هندومت جي لڳ ڀڳ 200 مقدس ڪتابن جي مجموعي کي اپنيشد سڏيو وڃي ٿو، جن ۾ اڪثر قديم تصنيفون ويدن جي فلسفياڻي تشريح تي ٻڌل آهن. انهن کي هندومت جي انيڪ رشين (Sages) سان منسوب ڪيو ويندو آهي. اپنيشد، سنسڪرت جي ٽن لفظ 'اُپ + ني + شد' جو مرڪب آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'هيٺ ويهڻ'. مطلب گرو يا مرشد جي قدمن ۾ ويهي معرفت ۽ علم جي حاصلات آهي.

> ”اپنيشد ڪو ڪتاب نه بلڪه ڪتابن جي سلسلي ۽ فلسفي جو نالو آهي. جيڪو موضوع جي لحاظ کان مابعدالطبعياتي ۽ اسلوب جي لحاظ کان شعري ادب جو خوبصورت مجموعو آهي.“12

اپنيشد جي تعليمات ۾ ظاهري عبادتون، مذهبي رسمون، ختر، منتر بجاءِ خودشناسي، حقيقت شناسيءَ تي زور آهي. مشهور فلسوف شنڪر آچاريه، اپنيشد جي تعليمات تي زور ڏنو ۽ ڪيئي تفسير پڻ لکيا. اپنيشد جي قديم تحريرن جو تعداد 108ملي ٿو، جن مان اهم هي آهن:

1- ايشيا، 2-ڪينا، 3-ڪٺا، 4-پرشن، 5- مندوڪ، -6 تي تريبيا، 7- اتاريا، 8-چندوگيا، -9 برهادار نيڪ.

- **ڀڳوت گيتا:**

ڀڳوت گيتا به مهاڀارت جو هڪ جز آهي. گيتا جو پسمنظر وشنو ڀڳوان جي اَوتار ’شري ڪرشن‘ ۽ پانڊو خاندان جي بهادر جنگجو ’ارجن‘ وچ ۾ ڊگهي مڪالمي جو متن آهي. مهاڀارت واري مشهور جنگ ۾ جڏهن ڪورو ۽ پانڊو پنهنجي فوج وٺي آمهون سامهون ٿيا ته پانڊو سپهه سالار، ارجن مخالف فوج تي هڪ نظر وڌي، جتي ڪيس سندس پيارا ۽ عزيز نظر اچن ٿا. پنهنجي پيارن ۽ عزيزن کي مخالف صف ۾ ڏسي ارجن جذباتي ٿي پوي ٿو ۽ پنهنجيَرٿ بان، ڪرشن کي چوي ٿو ته پنهنجي عزيزن ۽ پيارن جي رت سان اسان ڪيئن پنهنجا هٿ رڱيون! ارجن ان جنگ ۾ حصو وٺڻ کان انڪار ڪيو ته ڪرشن جواب ڏنس ته ظالم کي سندس ظلم جي سزا ڏيڻ اسان جو فرض آهي، ۽ فرض ۾ ڪوتاهي نه ٿي ڪري سگهجي. ٻنهي جا مڪالما جاري رهيا ۽ آخرڪار ارجن جنگ لاءِ راضي ٿيو ۽ آخر تائين ڪوروئن سان لڙائي ڪري شڪست ڏني. اردو ويب سائيٽ ’وڪيپيڊيا آزاد دائره معارف‘ پنهنجي ’بهگود گيتا‘ واري عنوان ۾ لکي ٿي:

> "کرشن جی اور ارجن کا طویل مکاملہ ہی اصل میں بھگوت گیتا کا متن ہے۔ سنسکرت کی اس نظم کو ہندو دھرم میں ایک بنیادی صحیفے کا درجہ حاصل ہے۔ لیکن ترجموں کے ذریعے اس کا متن دنیا کے ہر کونے میں پہنچا اور اس کے مداحوں میں بلا تفریق مذہب و ملت ہر قوم کے لوگ شامل ہیں۔"13

ڀڳوت گيتا جي فلسفي جديد دنيا جي مفڪرن کي به متاثر ڪيو، ان جا ترجما مختلف زبانن ۾ ڇپجي چڪا آهن. ان جي متن تي مختلف هندو تهوارن تي ناٽڪ به پيش ڪيا وڃن ٿا.

- **مختلف ٻولين ۾ منظوم ڊرامو:**

**بنگالي زبان:** بنگالي ٻوليءَ جو عظيم ليکڪ ۽ شاعر رابندر ناٿ ٽئگور، هڪ فلسفيءَ کان وڌيڪ شاعر جي حيثيت ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو .ٽئگور، بنگالي ادب ۾ ڪلاسيڪي سنسڪرت بجاءِ عوامي ٻولي بنگاليءَ جو استعمال ڪيو ۽ هندستاني معاشري جي ڪن خاص پهلوئن کي مغرب سان

متعارف ڪرايو. ٽئگور جو فڪر مذهب ۽ فلسفي جي ميلاپ مان وجود ۾ آيل آهي. سندس ادبي سرمائي ۾ شاعريءَ جو وڏو حصو آهي، جيڪو لڳ ڀڳ ٻن هزارن کان مٿي گيتن تي مشتمل آهي ۽ سندس گيتن کي بنگالي ادب ۾ خاص جاءِ ڏني ويئي ۽ انهن گيتن کي ’رابندر سنگيت‘ جو نالو ڏنو ويو. پوءِ به هن ناول، افسانا، سفرناما ۽ ڪيترائي ڊراما پڻ لکيا. ٽئگور جي ڪجهه سنگيت ناٽڪن ۽ نرتيه ڊرامن جو تفصيل هن طرح آهي: والميڪي پرتيا (1893ع سنگتيت ناٽڪ)، ڪل مرگيه (سنگيت ناٽڪ) ميارکيلا) سنگيت ناٽڪ (ٻدي ايشپ) نرتيه ناٽڪ (چترا (1914ع)، برسا منگل (نرتيه ناٽڪ 1921ع)، بوشونتو (سنگيت ناٽڪ 1923ع)، سيش برشن (سنگيت ناٽڪ) ناتر پوجا (نرتيه ناٽڪ (1926ع)، نٽ راج (نرتيه ناٽڪ 1926ع) ۽ رترو رنگشالا (نرتيه ناٽڪ) چنڊليڪا (نرتيه ناٽڪ1938ع)، شياما (نرتيه ناٽڪ 1939ع)

**اردو زبان:** برصغير ۾ اردو زبان ۽ ادب جي اهميت کان ڪوبه انڪار نه ٿو ڪري سگهي، خاص ڪري 20 هين صدي عيسوي، اردو ادب جي ترقيءَ جي صدي چئي سگهجي ٿي. هندستان ۾ ورهاڱي کان اڳ توڙي پوءِ جا وڏا وڏا شاعر، اديب پيدا ٿيا، جن مختلف ادبي صنفن ۾ پاڻ ملهايو. پر نظم ۾ ڊرامي جا مڪالما اسان کي اردوءَ جي قديم صنفن، مثنوي ۽ مرثيي ۾ نظر اچن ٿا. مرثيه نگاري ۽ مثنويون لکڻ ۾ مير انيس، مير حسن، پنڊت ديا شنڪر، مير خليق ۽ مرزا دبير جهڙن شاعرن خوب نڀايو، جن رزميه ڪالم، ڪربلا جي واقعه نگاري، حق ۽ باطل جي لڙائيءَ جا منظر مڪالمن طور نظم جي صورت ۾ پيش ڪيا.

مهاڀارت جو منظوم ترجمو پهريون پيرو اردوءَ ۾ 1862ع ڌاري هندستان انهن ۾ منشي طوطا رام شايان ڪيو، جنهن جو ٻيو ڇاپو 1905ع ۾ ڇپيو ٿيو. ان کان علاوه ورهاڱي کان پوءِ جلال افسر سنڀلي پڻ مهاڀارت جو اردو منظوم ترجمو ڪيو، جيڪو 1989ع ۾ دهليءَ مان ڇپيل آهي.انهن جا اهي ڪتاب ’ريختا ‘ جي ويبسائيٽ تي پڻ موجود آهن.

اردو اسٽيج ڊرامي جو عروج ورهاڱي کان اڳ جو ڏسجي ٿو. 1936 ڌاري جڏهن ترقي پسند تحريڪ، سماجي تبديليءَ جي محرڪ طور سامهون آئي ته ان ئي عرصي ۾ انساني زندگي ۽ ادب جي رشتي کي پختو بڻائڻ لاءِ اردوءَ جا اديب ڊرامه نگاري طرف راغب ٿيا. نتيجي ۾ ’انڊين پيوپلز ٿيٽي

ايسوسيئشن (IPTA) جو قيام عمل ۾ آيو. ان جون شاخون بئنگلور، دهلي، بمبئي ۽ ٻين شهرن ۾ قائم ٿيون. ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ سماجي مسئلن تي اسٽيج ناٽڪ پيش ٿيڻ لڳا، جن ۾ شاعري ۽ موسيقيءَ جو جز به شامل هوندو هو. ان دور ۾ جن اردو ڊرامه نگارن جي هاڪ هئي، تن ۾ رونق بنارسي، آغا حشر ڪاشميري، حسيني ميان ظريف، مرزا نظير بيگ، بيتاب دهلوي، احمد شجاع ۽ امتياز علي تاج وغيره شامل هئا.

**تيلگو زبان:** شري رام چندر جي سوانح، جنهن کي ’رامائڻ‘ سڏجي ٿو، ان جا 200 کن ترجما تيلگو زبان ۾ به ٿيا آهن، ڪن اهم تيلگو ترجميڪارن جا نالا هي آهن:

1. Tikkana : Writer of nirvachanottara ramayanam.
2. Gona Buddha Reddy : Writer of ranganadha ramayanam. The first Telugu amayana which covered almost entire theme of Valmiki’s Ramayana.
3. Hulakki Bhaskara : Initiated Bhaskara Ramayana along with his son Mallikarjuna Bhattu, his student Rudradeva and it was completed by Ayyalarya
4. Viswanatha Satyanarayana : Jnanapeeth award winnding writing ‘Srimad Ramayana Kaplavrikshamu

- پڄاڻي:

مٿي ڪيل بحث جي روشنيءَ ۾ ثابت ٿيو ته هندستان ۾ منظرم ڊرامي جي روايت، خود منظرم ڊرامي جيتري ئي پراڻي آهي. ننڍي کنڊ ۾ نه رڳو منظوم ڊراما لکيا ۽ پيش ڪيا ويا، پر مذهبي ڪتابن توڙي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي رسالن (مجموعن) ۾ پڻ اسان کي منظوم ڊرامي جو عنصر نمايان نظر اچي ٿو. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ منظرم ڊرامو هڪ وڏي عرصي کان وڏيڪ نه رڳو لکيو پر پيش پڻ ڪيو ويندو رهيو آهي، جڏهن ته ٻئي طرف سنڌي ڪلاسيڪي شاعري، جهڙوڪ: شاهه جي رسالي ۽ ٻين ڪتابن ۾ پڻ عشقيه داستان دراصل منظورم ڊرامي جو هڪ نمونو ئي آهن.

حوالا:

نظاماڻي، مير محمد، (1962). ’سنڌي ڊرامه‘، شايع ڪندڙ مير محمد نظاماڻي، چاپو پهريون.
قريشي,, ڈاکٹر محمد اسلم (1984). , ’اصلاحاتِ ڈرامه ’, مقتدره قومی زبان, ,
نظاماڻي، مير محمد، (1962) ’سنڌي ڊرامه‘، شايع ڪندڙ مير محمد نظاماڻي، چاپو پهريون.
ڪندناڻي، سنڌيا چندر، (2010). ’سنڌي ناٽڪ جي ارتقا’، حيدرآباد نيشنل ڪاليجئيٽ بورڊ، (بمبئي)
لالواڻي، ڇيٺو ڊاڪٽر، (1983) ’ناٽڪ ڪال جو وڪاس‘ ڇيٺو لالواڻي، پبلشرس، ڪبير نگر، احمدآباد
نظاماڻي، مير محمد، ’سنڌي ڊرامه‘، شايع ڪندڙ مير محمد نظاماڻي، چاپو پهريون، 1962، ص 7.
لالواڻي، ڇيٺو ڊاڪٽر، ’ناٽڪ ڪال جو وڪاس‘ ڇيٺو لالواڻي، پبلشرس، ڪبير نگر، احمدآباد، 1983ع
پٺي، رشيد (1987). (مهاڳ) ’ڀڳت سنگهه کي ڦاسي‘ نيو فيلڊس، حيدرآباد.
نديم، خالد ’ڊاڪٽر اختر حسين راءِ پوري: (2009) حيات و خدمات‘، (اردو)، مجلد ترقي ادب، لاهور.
ملاح، مختيار احمد، (2009). ’ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت‘، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.
Halliwell ,Stephen, (1995). `Aristotle ,*Poetics* , 'Harvard University Press, , P. 47–55.
https://ur.wikipedia.org/wiki/%D8%A7%D9%BE%D9%86%DB%8C%D8%B4%D8%AF

https://ur.wikipedia.org/wiki/%D8%A8%DA%BE%DA%AF%D9%88%D8%AF_%DA%AF%DB%8C%D8%AA%D8%A7